# سنڌ آرڊيننس نمبر XV مجريہ 1984

# SINDH ORDINANCE NO.XV OF 1984

# سنڌ ريس ڪورسز لائسنسگ (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SIND RACE COURSES LICENSING (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. سنڌ ايڪٽ III مجريہ 1912 جي دفعہ 2 ۾ ترميم

Amendment of Section 2 of Sindh Act III of 1912

3. سنڌ ايڪٽ III مجريہ 1912 جي دفعہ 3 ۾ ترميم

Amendment of Section 3 of Sind Act III of 1912

4. سنڌ ايڪٽ III مجريہ 1912 جي دفعہ 4 ۾ ترميم

Amendment of Section 4 of Sind Act III of 1912

5. سنڌ ايڪٽ III مجريه 1912 جي دفعه 7 ۾ ترميم.

Amendment of Section 7 of Sind Act III of 1912

# سنڌ آرڊيننس نمبر XV مجريہ 1984

# SINDH ORDINANCE NO.XV OF 1984

# سنڌ ريس ڪورسز لائسنسگ (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SIND RACE_COURSES LICENSING (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[17 سيپٽمبر 1984]

آرڊيننس جنھن سان سنڌ ريس ڪورسز لائسنسگ ايڪٽ، 1912 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ وفاقي شرعي عدالت سنڌ ريس ڪورسز لائسنسگ ايڪٽ، 1912 ۾ ڪجھہ ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي.

جيئن تہ سنڌ ريس ڪورسز لائسنسگ ايڪٽ، 1912ع ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي، جنهن ڪي هن طرح سان عمل ۾ آندو ويندو؛

ان ڪري هاڻي 5 جولائي 1977ع جي اعلان ۽ عبوري آئين

1981 جي حڪم جي روشني ۾ سنڌ جو گورنر خوشيءَ سان هن آرڊيننس کي ناهي نافذ فرمائي ٿو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ريس ڪورسز لائسنسگ (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هيءُ في الفور نافذ ٿيندو.

سنڌ ايڪٽ III مجريه 1912 جي دفعه 2 ۾ ترميم
Amendment of section 2 of Sindh Act III of 1912

2. سنڌ ريس ڪورسز لائسنسگ ايڪٽ، 1912 جي لاڳو ٿيڻ ڪانپوءِ جنهن کي هاڻي بہ ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2 جي شق (a) ۾ ايندڙ لفظن ۽ ڪامائن "يا ڪنهن اهڙي داءَ ڳا لڳايل شرط تي جيڪا ڪنهن گهوڙي، گهوڙي يا سوار تي لڳائي وڃي ٿي"کي مٽايو ويندو.

سنڌ ايڪٽ III مجريه 1912 جي دفعه 3 ۾ ترميم
Amendment of Section 3 of Sind Act III of 1912

3. هن ايڪٽ جي تحت دفعہ 3 ۾ ذيلي دفعہ (2) ڪانپوءِ هيٺين نئين ذيلي دفعہ جو اضافو ڪيو ويندو:-

"(3) لائسنس ۾ ڪي اهڙا شرط نہ هوندا جيڪي داءَ لڳائڻ يا شرط رکڻ جي اجازت ڏين".

سنڌ ايڪٽ III مجريه 1912 جي دفعه 4 ۾ ترميم
Amendment of Section 4 of Sind

4. هن ايڪٽ جي دفعہ 4، جي ذيلي دفعہ (3) کي حذف ڪيو ويندو.

Act III of 1912

سنڌ ايڪٽ III مجريه 1912 جي دفعه 7 ۾ ترميم.
Amendment of Section 7 of Sind Act III of 1912

6. هن ايڪٽ جي دفعه 7 جي ذيلي دفعه 2 کي حذف ڪيو ويندو.

**نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**